(حصو پهريون)

اسلامي ڀينرن ۾ مدني انقلاب

# مون مدني برقعو ڇو پاتو؟

۽

## 16 حيرت انگيز سچيون حڪايتون


| | |
|---|---|
| اسی ماحول نے ادنیٰ کو اعلیٰ کر دیا دیکھو! | 6 |
| سرڪار صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم جو ديدار نصيب ٿي ويو | 9 |
| پٽ صحتياب ٿي ويو | 13 |
| گناهہ کي گناهہ سمجهڻ جو شعور ملي ويو | 19 |
| ڌيءُ جي اصلاح ڪيئن ٿي؟ | 22 |
| سڌي واٽ ملي وئي | 24 |



پيشڪش : مجلس المدينة العلميه (دعوتِ اسلامي)
شعبه اميرِ اهلسنت دامت برڪاتهم العاليه

مڪتبة المدينه
SC1286

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# پهريان هي پڙهندا

سيّدُالمُرسَلين، خَاتَمُ النَّبِيّين، جناب رحمةٌ لّلعٰلمِين صَلَّى اللّٰه تعالیٰ علیه واٰله وسلم جن ارشاد فرمايو: الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! جيڪڏهن الله تعاليٰ توهان جي ذريعي ڪنهن هڪ کي بہ هدايت ڏئي تہ اهو توهان جي لاءِ ڳاڙهن اٺن کان بهتر آهي.” (سنن ابوداؤد، ج 3 ص 450 الحديث 3661)

حضرتِ سيّدُنا ڪعبُ الاحبار رضی اللّٰه تعالیٰ عنه فرمائن ٿا تہ “جنّت الفردوس خاص اُن شخص جي لاءِ آهي جيڪو نيڪيءَ جي دعوت ڏئي ۽ بُرائيءَ کان منع ڪري.” (تنبيه المغترين ص 290)

الله عَزَّوَجَلَّ هر دؤر ۾ محبوب صلی اللّٰه تعالیٰ علیه واٰله وسلم جي امت ڪي اهڙيون عظيم هستيون عطا فرمايون آهن جن نہ رُڳو ياڻ اَمْرٌ بِالْمَعْرُوْفِ وَ نَهْيٌ عَنِ الْمُنْكَر (يعني نيڪيءَ جو حڪم ۽ بُرائيءَ کان منع ڪرڻ) جو مقدس فرض سهڻي طريقي سان سرانجام ڏنو. بلڪ مسلمانن کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻ جو ذهن ڏنو. اهڙي ئي هڪ هستي **شيخِ طريقت**، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ **دعوتِ اسلامي** حضرتِ علامه مولانا ابوبلال **محمد الياس عطار قادري** رضوي دامت برڪاتهم العاليه بہ آهن جن اڄ کان تقريبًا 27 سال اڳ سن 1401 ھ بمطابق 1981ع ۾ بابُ المدينہ ڪراچي ۾ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ “**دعوتِ اسلامي**” جي مدني ڪم جي شروعات پنهنجي ڪجهہ ساٿين سان گڏجي ڪئي. اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه اهي بزرگن جي يادگار شخصيت آهن جيڪي **ڪثير الڪرامات** بزرگ هجڻ سان گڏوگڏ علمي، عملي، قولي، فعلي، ظاهري ۽ باطني طور تي احڪاماتِ الاهيه جي بجا آوري ۽ سُنّنِ نَبَوِيَّہ جي پيروي ڪرڻ ۽ ڪرائڻ ۾ بہ

www.dawateislami.net

پنهنجو مٿ پاڻ آهن. سندن احساسِ ذميداري، تقويٰ ۽ پرهيزگاري جون برڪتون "**دعوتِ اسلامي**" سان وابسته ٿيڻ وارن اسلامي ڀائرن ۾ به منتقل ٿيڻ شروع ٿيون، جن فرضن ۽ واجبن جي ادائيگيءَ سان گڏوگڏ سنّتن ۽ مستحبن تي عمل پيرا ٿي نيڪيءَ جي دعوت جون اهڙيون ڌومون مچايون جو لکين مسلمانن خاص طور تي نوجوانن کي گناهن کان توبهه جي توفيق ملي ۽ اهي تائب ٿي صلوٰة و سنّت جي واٽ تي نه صرف پاڻ گامزن ٿي ويا بلڪ ٻين کي نيڪيءَ جي دعوت ڏيڻ وارا بڻجي ويا. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ! (هي سِٽون لکجڻ تائين) دنيا جي اٽڪل **66** ملڪن ۾ **دعوتِ اسلامي** جو مدني پيغام پهچي چُڪو آهي ۽ اڳتي به سفر جاري آهي. **اَلْحَمْدُلِلّٰهِ عَلٰی اِحْسَانِهٖ**

*ہزاروں عاشقانِ لندن و پیرس کو دیوانہ — مدینے کا بنایا ہے امیرِ اہلسنّت نے*

www.dawateislami.net

*لاکھوں فیشنی چہروں اور سروں کو بھی — عمامے سے سجایا امیرِ اہلسنّت نے*

اميرِ اهلسنت دامت برڪاتهم العاليه جو اهو فيض رُڳو اسلامي ڀائرن تائين محدود نه رهيو بلڪ لکين اسلامي ڀينرن به **اميرِ اهلسنت دامت برڪاتهم العاليه** جي محنت ۽ مشقت سان ٺاهيل **دعوتِ اسلامي** جي مدني پيغام کي قبول ڪيو، فيشن پرستي ۽ فحاشي سان سرشار مُعاشري ۾ موجود اسلامي ڀينرون گناهن جي ماحول مان نڪري امهات المومنين ۽ شهزاديءِ ڪونين بيبي فاطمه رضي الله تعاليٰ عنهن جون ديوانيون بڻجي ويون. ڳلي ۾ رئو لڙڪائي شاپنگ سينٽرن ۽ گڏيل تفريح گاهن ۾ ڀٽڪڻ واريون، نائيٽ ڪلبن ۽ سينما گهرن جي سونهن بڻجڻ وارين کي ڪربلا جي پاڪدامن شهزادين رضي الله تعاليٰ عنهن جي شرم ۽ حيا جون اهي برڪتون نصيب ٿيون جو **مدني برقعو** انهن جي لباس جو لازمي حصو بڻجي ويو. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ اسلامي ڀينرن جا به شرعي پردي سان

ڪيترن ئي جڳھن تي ھفتيوار اجتماع ٿيندا آھن. اسلامي ڀينرن جا جامعات بہ قائم آھن. ڪيتريون ئي اسلامي ڀينرون بہ **الحمدﷲ** عَزَّوَجَلَّ عالمہ بڻجڻ جي سعادت حاصل ڪري چُڪيون آھن. دنيا جي مختلف ملڪن ۾ اڪثر گھرن ۾ تقريبًا روزانو ھزارين مدرسا مدرسة المدينہ (بالغات) جي نالي سان بہ لڳايا ويندا آھن، ھڪ اندازي جي مطابق رُڳو باب المدينہ (ڪراچي) ۾ اسلامي ڀينرن جا **1317** مدرسا تقريبًا روزانو لڳندا آھن جن ۾ اٽڪل **12017** اسلامي ڀينرون قرآن شريف، نماز ۽ سنّتن جي مفت تعليم حاصل ڪري رھيون آھن ۽ دعائون بہ ياد ڪري رھيون آھن. ۽ پڻ مدني مُنّن ۽ مدني مُنّين جي لاءِ بيشمار مدرسا مدرسة المدينہ جي نالي سان قائم آھن جتي حفظ ۽ ناظره جي مفت تعليم ڏني ويندي آھي.

www.dawateislami.net

مری جس قدر ہیں بہنیں، سبھی مدنی بُرقع پہنیں
انہیں نیک تم بنانا مدنی مدینے والے

**الحمدﷲ** عَزَّوَجَلَّ اسلامي ڀينرن ۾ بہ مدني ڪم جون خوب بھارون آھن، جن مان **19** مُنتخب بھارن جو مجموعو "**مون مدني برقعو ڇو پاتو؟**" جي نالي سان شايع ڪيو پيو وڃي. **اللہ تعاليٰ** کان دعا آھي تہ "**اسان کي پنھنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻھن جي اصلاح جي ڪوشش**" ڪرڻ جي لاءِ **مدني انعامات** تي عمل ۽ **مدني قافلن** ۾ سفر ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. امین بجاہ النبی الامین صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہ وسلم

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پر جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تیری دھوم مچی ہو

**شعبہ سيرتِ اميرِ اھلسنت** (مدظله العالي)
**مجلس المدينة العلميہ** (**دعوتِ اسلامي**)
3 شعبان المعظم **1429**ھ، **5** آگسٽ **2008**ع

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# درود شريف جي فضيلت

**شيخِ طريقت** اميرِ اهلسنّت، بانيءِ **دعوتِ اسلامي**، حضرتِ علامہ مولانا اَبوبلال **محمد الياس عطار قادري** رضوي ضيائي دامت برکاتهم العاليه جي تحريري بيان "**بادشاهن جون هڏيون**" ۾ آهي: "رَحمتِ عالَم، نُورِ مُجسَّم، شاهِ بَني آدم، شفيعِ اُمَم، رسولِ اکرم صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم جن جو فرمانِ شفاعت نِشان آهي: "جيڪو مون تي دُرُود شريف پڙهندو مان ان جي شفاعت فرمائيندس." (القول البديع ص 117 دارالکتب العلميه بيروت)

www.dawateislami.net

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿1﴾ مون مدني برقعو ڇو پاتو؟

**باب المدينہ** (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي بيان جو خلاصو آهي تہ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان اڳ ۾ آءٌ تمام گهڻو **فيشن پرست** هُيَس، فون جي ذريعي **غير مردن** سان دوستي ڪرڻ ۾ وڏو لطف ايندو هو. پاڙيسرين جي شادين ۾ **مهنديءَ جي رسم** وغيره جي موقعي تي مون کي خاص طور تي گهرايو ويندو هو. اتي مان نہ صرف پاڻ ڊانس ڪندي هُيَس بلڪ ٻين ڇوڪرين کي بہ ڊانس سيکاري پاڻ سان

گڏ نچائيندي هُيَس. ڪيترائي گانا مون کي زباني ياد هئا. آواز جيئن ته سنو هو ان لاءِ منهنجون ساهيڙيون اڪثر مون کي گاني جي فرمائش ڪنديون هيون. بدقسمتيءَ سان گهر ۾ T.V. تمام گهڻي ڏني ويندي هئي. جنهن جي ڪري مان گناهن جي ڦاسي ويس. افسوس جو مون پنهنجي زندگيءَ جون قيمتي گهڙيون جهنّم جي عذابن جو حقدار بڻجڻ ۾ گذاري رهي هُيس.

**ربيع النور شريف** جي هڪ حسِين شام هئي. مغرب جي نماز کان پوءِ منهنجو وڏو ڀاءُ گهر آيو ته ان جي هٿن ۾ **اميرِ اهلسنت** دامت برکاتهم العاليه جي بيانن جون ڪيسيٽون هيون. هڪ بيان جو نالو ”قبر کی پہلی رات“ هو. قبر جو مرحلو ڪيتريقدر ڏکيو آهي، ان جو احساس مون کي اهو بيان ٻُڌڻ کان پوءِ ٿيو. پر افسوس جو منهنجي دل تي گناهن جي لذت جو ايتريقدر غلبو هو جو مون ۾ ڪا خاص تبديلي نه آئي. ها! ايترو فرق ضرور پيو جو ان کان مون کي گناهن تي **شرمساري** ٿيڻ لڳي.

**ڪجهه** ئي ڏينهن کان پوءِ **دعوتِ اسلامي** جي ذميدار اسلامي ڀينرن ”يارهين شريف“ جي سلسلي ۾ **اجتماعِ ذڪر و نعت** جو اهتمام ڪيو. مون کي به شرڪت جي دعوت ڏني وئي. ”قبر کی پہلی رات“ ٻُڌي منهنجي دل اڳ ۾ ئي نرم ٿي چُڪي هئي. سو مون زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو **اجتماعِ ذڪر و نعت** ۾ وڃڻ جو ارادو ڪيو،

www.dawateislami.net

افسوس جو اتي وڃڻ جي لاءِ بہ خوب **ميڪ اپ** ڪري جديد فيشن وارو لباس پاتم. **اجتماع ذڪر و نعت** ۾ هڪ اسلامي ڀيڻ **سنّتن ڀريو** بيان فرمايو، جنهن ڪي ٻُڌي منهنجي دل جي دنيا بدلجي وئي. بيان ڪان پوءِ جڏهن (اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليہ جو لکيل) استغاثيہ ڪلام ”یاغوث بلاؤ مجھے بغداد بلاؤ“ پڙهيو ويو تہ ان جي پُرتاثير شعرن ڄڻ تہ گرم لوهہ تي هٿوڙي جو ڪم ڪيو، ۽ ائين مان **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن ڀريئي اجتماعن ۾ شريڪ ٿيڻ لڳيس. گناهن ڀري زندگيءَ جو خاتمو ٿيو ۽ مان **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول جي بَرَڪت سان نيڪين جي راهہ تي ائين هلڻ لڳيس جو مان پهريان ٻاهر نڪرڻ وقت رئو بہ چڱي طرح نہ ويڙهيندي هُيَس، ٿوري ئي عرصي ۾ **مدني برقعو** پائڻ جي سعادت حاصل ڪرڻ لڳيس. الحمدللہ عزوجل اڄ مان **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي **مدني ڪمن** جون ڌومون مچائڻ جي لاءِ ڪوشش ۾ مصروف آهيان.

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تیری دُھوم مچی ہو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿2﴾ اسی ماحول نے ادنیٰ کو اعلیٰ کردیا دیکھو!

**باب المدينہ** (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي بيان

www.dawateislami.net

جو خلاصو آهي تہ پيءُ ماءُ جي گھڻي زور ڀرڻ تي مون قرآن شريف **حفظ** ڪرڻ جي سعادت تہ حاصل ڪري ورتي هئي پر بعد ۾ ان کي دهرائڻ ڇڏي ڏنو هو جنهن جي ڪري پيءُ ماءُ کي سخت **تڪليف** ٿي پئي هئي. ايڏي عظيم سعادت حاصل ڪرڻ جي باوُجود منهنجي عَملي ڪيفيّت اها هئي تہ مان **نمازن** جي پابندي کان غافل هُيَس. نوان نوان **فيشن ۽ گانا** ٻُڌڻ جي تہ ايتري شوقين هُيَس جو ڪڏهن تہ سڄي سڄي رات هيڊفون لڳائي گانا ٻُڌندي هُيَس. **T.V.** جي تباهہ ڪارين بہ مون کي پنهنجي لپيٽ ۾ آندو هو. جيئن تہ مون کي **فلمون ڊراما** ڏسڻ ۾ تمام وڏو مزو ايندو هو خاص طور تي هڪ ڳائڻي جي گانن جي ايتريقدر شوقين هُيَس جو منهنجيون ساهيڙيون مذاق ۾ چوندي يون هُيون هيءَ تہ مرڻ وقت بہ انهيءَ ڳائڻي کي ياد ڪندي. افسوس جو جيڪڏهن مان ان جو ڪو شو (يعني پروگرام) نہ ڏسندي هُيَس تہ روئي روئي حالت خراب ٿي ويندي هئي، ايتري تائين جو ماني بہ نہ کائيندي هُيَس. افسوس! منهنجا صبح ۽ شام ائين ئي گناهن ۾ گذري رهيا هئا.

**منهنجي** مامي **دعوتِ اسلامي** جي اسلامي ڀينرن جي **سنتن ڀريءِ اجتماعن** ۾ شرڪت ڪندي هئي. اها مون کي اجتماع ۾ شرڪت جي دعوت ڏيندي هئي پر آءُ ٽارائي ويندي هُيَس . ان جي لاڳيتي **انفرادي ڪوشش**

www.dawateislami.net

جي نتيجي ۾ آخرڪار مون **دعوتِ اسلامي** جي هفتيوار سنّتن ڀريئي اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ڪئي. اتي ٿيڻ واري سنّتن ڀريئي بيان، ذڪرُ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ رِقت انگيز دعا کان ڏاڍي متاثر ٿيس. هڪ حلقي جي ذميدار اسلامي ڀيڻ مون تي ڏاڍي شفقت فرمائيندي هئي ۽ مون کي گهران سڏي **سنتن ڀريئي اجتماع** ۾ شرڪت ڪرائيندي هئي. ان جون شفقتون ڏسي منهنجي دل ايتريقدر نرم ٿي ويئي جو منهنجو نيڪين ڏانهن لاڙو ٿيڻ لڳو، ۽ فلمون ڊراما ڏسڻ ۽ گانا باجا ٻُڌڻ ۽ ٻين گناهن کان بہ مون توبهہ ڪئي. **شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليہ جي **بيان** جون ڪيسيٽون ٻُڌڻ سان خدا جي خوف کان ڏڪندي هُيَس ۽ سوچيندي هُيَس تہ جيڪڏهن ائين گناهہ ڪندي ڪندي مون کي موت اچي ويو تہ منهنجو ڇا ٿيندو! اهڙيءَ طرح **اميرِ اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليہ جا **ڪتاب** ۽ **رسالا** پڙهي مون ۾ **احساسِ ذميداري** پيدا ٿي ۽ مان بہ اسلامي ڀينرن سان گڏجي **نيڪيءَ جي دعوت** عام ڪرڻ ۾ مصروف ٿي ويس. مون کي ذميداره اسلامي ڀيڻ جيڪا بہ ذميداري ڏيندي هئي مان ان کي سهڻي نموني سان نڀائڻ جي ڪوشش ڪندي هُيَس. ائين **دعوتِ اسلامي** جو مدني ڪم ڪندي **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ هي سِٽون لکڻ تائين علائقائي مُشاورت جي خادمہ (يعني ذميداره) جي حيثيت سان

www.dawateislami.net

**دعوتِ اسلامي** جي مدني ڪم ڪي وڌائڻ ۾ مصروف آهيان. **مفتيءِ دعوتِ اسلامي** حافظ محمد فاروق العطاري المدني عليه رحمة الله الغني جي پيروي ۾ روزانو هڪ منزل جي دهرائي جي سعادت بہ حاصل ڪري رهي آهيان.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿3﴾سرڪارِ مدينہ ﷺ جو ديدار نصيب ٿي ويو

**پنجاب** (پاڪستان) جي شهر گلزارِ طيبہ (سرگوڌا) جي رهندڙ هڪ اسلامي ڀيڻ جي تحرير جو خلاصو آهي تہ **دعوتِ اسلامي** جي **مدني ماحول** سان وابستہ ٿيڻ کان اڳ منهنجي عملي حالت انتهائي خراب هئي. ماڊرن ساهيڙين جي صحبت مون کي **فيشن** ۽ **تذليل تفريح** **ٽاهن** جو شوقين بڻائي ڇڏيو هو. نہ نماز پڙهندي هُيَس ۽ نہ ئي روزا رکندي هُيَس، ۽ بُرقعي کان تہ (معاذالله عَزَّوَجَلَّ) پري ڀَڄندي هُيَس. بس **T.V.** ۽ **V.C.R.** هوندي هئي ۽ مون ۾ مغروري ايتري هئي جو پنهنجي سامهون ڪنهن کي هلڻ نہ ڏيندي هُيَس. انهن ڏينهن ۾ ڪاليج ۾ فرسٽ ييئر ۾ پڙهندي هُيَس. هڪ ڏينهن مون کي ڪنهن **اميرِ اهلسنت** دامت برکاتهم العاليه جي بيان جي ڪيسيٽ ”**وضو ۽ سائنس**“ تحفي ۾ ڏني. بيان معلوماتي هجڻ سان گڏوگڏ دلچسپ بہ هيو. ان بيان کي ٻُڌي مان ايترو تہ متاثر ٿِيَس جو مون علائقي ۾ ٿيڻ واري **دعوتِ اسلامي** جي **اسلامي**

www.dawateislami.net

**پيئرن جي سنتن ڀريئي اجتماع** ۾ وڃڻ شروع ڪيو. مدني ماحول جي نُور منهنجي اونداهي واري شام کي روشن ڪرڻ لڳو. وقت گذرڻ سان گڏوگڏ مان پنهنجي خراب عادتن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس. **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ جي بَرَڪت سان ٿوري ئي عرصي ۾ **مدني برقعو** پائڻ نصيب ٿيو. منهنجا گهروارا، رشتيدار ۽ منهنجيون ساهيڙيون ان حيرت انگيز تبديليءَ تي تمام گهڻو حيران هُيون. انهن کي اهو سڀ خواب لڳي رهيو هو پر اها سؤ سيڪڙو حقيقت هئي.

**الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ هاڻي مان پنهنجي گهر ۾ **فيضانِ سنت** مان درس ڏيندي آهيان. ٻين اسلامي ڀينرن سان گڏجي **مدني ڪم** ڪرڻ جي سعادت کان فيضياب ٿي رهي آهيان. روزانو فڪرِ مدينہ جي ذريعي **مدني انعامات** جي رسالي جا خانا ڀَري هر مهيني جمع ڪرائڻ منهنجو معمول آهي. هڪ ڏينهن مون تي ربّ عَزَّوَجَلَّ جو اهڙو تہ ڪرم ٿي ويو جنهن جو مان جيترو بہ شڪر ڪريان اهو گهٽ آهي. ٿيو هيئن تہ هڪ رات مان سُتل هيس تہ منهنجي قسمت ناز منجهان جاڳي پئي. مون خواب ۾ ڏٺو تہ **دعوتِ اسلامي** جو **سنتن ڀريو اجتماع** ٿي رهيو آهي مان جنهن جڳهہ تي ويٺي آهيان اتي دريءَ مان ٿڌي ٿڌي هوا اچي رهي آهي. مان بي اختيار ٿي دريءَ مان

www.dawateislami.net

ٻاهر ڏٺو تہ آسمان تي ڪڪر ڇانيل آهن. مون بي اختياري ۾ هي سلام پڙهڻ شروع ڪيو:

اے صبا مصطفٰی سے کہہ دینا غم کے مارے سلام کہتے ہیں

**اوچتو** منهنجي سامهون هڪ حُسين ۽ جميل نوراني چهري وارا بزرگ سفيد لباس پهريل ۽ مٿي تي سبز عمامو سَجايل تشريف فرما آهن. انهن جي مقدس چهري تي مسڪراهٽ جا آثار هئا. اجان مان اهو منظر ڏسي ئي رهي هُيَس تہ ڪنهن جو آواز ٻُڌڻ ۾ آيو تہ "اهي **حضور اڪرم، نورِ مجسم** صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم **آهن**." پوءِ منهنجي اک کُلي پئي. مان پنهنجي سعادتن جي معراج تي گهٽي جذبن جي ڪري روئڻ لڳيس. دل چاهيندي هئي تہ اکيون بند ڪريان ۽ هر هر اهو ئي منظر ڏسان. هاڻي بہ هر رات جو ان اميد سان دُرُود شريف پڙهي سُمهندي آهيان تہ ڪاش! منهنجي قسمت ٻيهر جاڳي پوي.

سنا ہے آپ ہر عاشق کے گھر تشریف لاتے ہیں
میرے گھر میں بھی ہوجائے چراغاں یا رسول اللہ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿4﴾ مان پينٽ شرٽ پائيندي هُيَس

**باب المدينہ** (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جو بيان ڪجهہ هن ريت آهي تہ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول

www.dawateislami.net

**نشست** جو وڏي بيچينيءَ سان انتظار هيو. آخرڪار اهو ڏينهن بہ آيو جو مون ساليانو سنّتن ڀريئي اجتماع جي خاص نشست ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ڪئي. جنهن ۾ **امير اهلسنت** دامت برکاتهم العاليه "**گناهن جو علاج**" جي موضوع تي بيان فرمايو. اهو بيان ٻُڌي مان خوفِ خُدا عَزَّوَجَلَّ کان ڏڪڻ لڳيس ۽ سوچڻ لڳيس تہ مان پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي ڪهڙين ڪهڙين نافرمانين ۾ مبتلا آهيان. پوءِ دعا گهڙي وئي. دعا جي دؤران اجتماع ۾ شريڪ اسلامي ڀينرن جو روئڻ ڏسي منهنجي اکين مان بہ **ڳوڙها** وهڻ لڳا. منهنجي دل ۾ ڏاڍي شرمندگي ٿي. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ مان الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ پنهنجي گناهن کان **توبهہ** ڪئي ۽ پنهنجي اصلاح جي ڪوشش جي پَڪي **نيت** ڪئي. **دعوتِ اسلامي** جي **مدني ماحول** سان وابستہ ٿيڻ جي بَرَڪت سان مون **شرعي پردو** ڪرڻ شروع ڪيو ۽ نمازن جي بہ پابند ٿِيَس. اڄ منهنجا ماءُ پيءُ مون کان تمام گهڻو خوش آهن ۽ **دعوتِ اسلامي** جا ٿورائتا آهن جنهن جي بَرَڪت سان انهن جي فيشن پرست ڌيءَ **سنتن ڀري زندگي** ڏانهن مائل ٿي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!    صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿5﴾ پيٽ صحتمند ٿي ويو

**باب المدينہ** (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي بيان

www.dawateislami.net

جو خلاصو آهي تہ **دعوتِ اسلامي** جي مُشکبار مدني ماحول سان وابستہ ڪجھ ذميدار اسلامي ڀينرون **نيڪيءَ جي دعوت** ڏيڻ لاءِ اسان جي گھر ايندڙيون هيون. اهي مون تي **انفرادي ڪوشش** ڪندي اسلامي ڀينرن جي هفتيوار **سنتن ڀريئي اجتماع** ۾ علائقائي دؤري براءِ نيڪيءَ جي دعوت ۾ شرڪت جي دعوت پيش ڪنديون هيون پر مان سُستيءَ جي ڪري اها سعادت حاصل ڪرڻ ۾ محروم رهندي هيس. هڪ ڏينهن اوچتو منهنجي پٽ جي طبيعت خراب ٿي پئي. ڊاڪٽر کي ڏيکاريو ويو تہ ان اهو **انديشو** ظاهر ڪيو تہ شايد هاڻي هي ٻار سڄي عمر پنهنجي ٽنگن جي سهاري **سان** نہ سگھي، ان جو دماغي توازن بہ صحيح ناهي رهيو تنهنڪري هاڻي هي نارمل(NORMAL) ٻارن جيان زندگي گذاري نہ سگھندو. اهو ٻُڌي منهنجي پيرن هيٺان زمين نڪري وئي. هر ماءُ جيان مون کي بہ پنهنجي پٽ سان تمام گھڻي **محبت** هئي. ان صدمي مون کي **بي ساهو** ڪري ڇڏيو.

**ڪجھ** ڏينهن انهيءَ حالت ۾ گذري ويا. هڪ ڏينهن وري اهي ئي اسلامي ڀينرون نيڪيءَ جي دعوت لاءِ آيون. انهن منهنجي چهري تي **پريشانيءَ** جا آثار ڏٺا تہ منهنجي غمخواري ڪندي مون کان پُڇيائون:"خير تہ آهي توهين گھڻيون پريشان ٿيون لڳو؟" مون انهن کي

www.dawateislami.net

سڄو احوال ٻُڌايو ته انهن مون کي حوصلو ڏنو ۽ چيو ته نيڪ اجتماعن ۾ شرڪت جون گهڻيون برڪتون آهن، توهين **دعوتِ اسلامي** جي 12 هفتيوار **سنتن ڀريئي اجتماعن** ۾ پابندي سان شرڪت ڪيو ۽ اتي پنهنجي ٻار جي لاءِ دعا به گهرو، ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ توهان جو پٽ صحتياب ٿي ويندو. اهڙيءَ طرح مون 12 اجتماعن ۾ شرڪت جي پَڪي **نيت** ڪئي. جڏهن مان پهريون ڀيرو سنّتن ڀريئي اجتماع ۾ شريڪ ٿِيَس ۽ بيان کان پوءِ رِقت انگيز دعا گهري وئي ته مان پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ کان پنهنجي پٽ جي **صحتيابي** جي دعا به گُهري. اجتماع ۾ شريڪ ٿيڻ کان پوءِ جڏهن مان پنهنجي گهر واپس آيس ته مون کي پنهنجي پٽ جي طبيعت پهريان کان بهتر ڏسڻ ۾ آئي. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ وقت گذرڻ سان گڏوگڏ منهنجو پٽ مڪمل طور تي **صحتياب** ٿي ويو. ائين ڊاڪٽرن جا انديشا غلط ثابت ٿيا ۽ سنّتن ڀريئي اجتماع ۾ شرڪت جي بَرَڪت سان منهنجو پٽ **ڳالهائڻ** **ڦرڻ** به لڳو. هي سِٽون لکڻ تائين اسان جو سڄو گهراڻو الحمدلله عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جي **مدني ماحول** سان وابسته ٿي جنّت جي تياريءَ ۾ مصروف آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!   صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿6﴾ ٽي يا چار فلمون ڏسندي هيس

**باب المدينہ** (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي بيان

www.dawateislami.net

جو خلاصو آهي تہ **دعوتِ اسلامي** جي مُشکبار **مدني ماحول** سان وابستہ ٿيڻ کان اڳ ۾ آءُ **هڪ** ماڊرن ڇوڪري هيس. دنياوي تعليم حاصل ڪرڻ جو جنون جي حد تائين **شوق** هيو. **فلم ڏسڻ** جو ڀوت مون تي اهڙو تہ سوار هيو جو مان هڪ رات ۾ **ٽي ٽي چار چار فلمون** بہ ڏسندي هيس. **معاذالله** عَزَّوَجَلَّ گانن جي اهڙي تہ شوقين هُيَس جو گهر جو ڪم ڪار ڪرڻ وقت بہ ٽيپ رڪارڊر تي وڏي آواز سان **گانا** وڄائيندي هُيَس. منهنجي هڪ ڀيڻ (جيڪا شادي ٿيڻ کان پوءِ ٻئي شهر ۾ رهندي هئي) ان کي **دعوتِ اسلامي** سان ذاتي محبت هئي. اها جڏهن بہ **باب المدينہ** (ڪراچي) ايندي هئي تہ آچر جي ڏينهن **دعوتِ اسلامي** جي عالمي مدني مرڪز **فيضانِ مدينہ** ۾ ٿيڻ واري هفتيوار سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ ضرور شرڪت ڪندي هئي. رات جو عشقِ رسول سان ڀرپور پُرسوز نعتون ٻُڌندي هئي. جنهن جي ڪري مون کي گانا ٻُڌڻ جو موقعو نہ ملندو هو. اهڙيءَ طرح مون کي ان تي گهٽي **ڪاوڙ** ايندي هئي بلڪ ڪڏهن تہ ان سان **وڙهندي** بہ هُيَس.

**هڪ** ڀيري جڏهن هوءَ بابُ المدينہ آئي تہ مون تي نهايت شفقت سان **انفرادي ڪوشش** ڪندي چوڻ لڳي: "جيڪو فلمون ڊراما ڏسي ٿو ان کي عذاب ڏنو ويندو." ان سان

www.dawateislami.net

گڏو گڏ سنّتن ڀرئي اجتماع جون **برڪتون** بہ ٻُڌائڻ لڳي. اهڙي طرح **انفرادي ڪوشش** ڪندي ان مون کي **فيضانِ مدينہ** ۾ ٿيڻ واري سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ تي راضي ڪري ورتو. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ مان هفتيوار **سنّتن ڀرئي اجتماع** ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ڪئي. اتفاق سان سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ ٿيڻ واري بيان جو موضوع بہ **ٽي وي جون تباهہ ڪاريون** هيو. اهو بيان ٻُڌي منهنجي دل جي ڪيفيّت تبديل ٿيڻ شروع ٿي وئي. رِقت انگيز دعا سون تي سُهاڳي جو ڪم ڪيو. دعا جي دؤران مون تي رِقت طاري هئي ۽ اکين مان ڳوڙهن جي لار وهي رهي هئي. مون سچيءَ دل سان پنهنجي اڳين گناهن کان **توبهہ** بہ ڪئي. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ جڏهن مان سنّتن ڀرئي اجتماع مان پنهنجي گهر موٽي آيس تہ منهنجي دل ٽي وي ۽ گانن کان **بيزار** ٿي چُڪي هئي. اجتماع کان واپسيءَ تي پنهنجي ڪمري ۾ موجود ڪارٽونز جون **تصويرون** لاهي پياري پياري **ڪعبي شريف** ۽ مٺي مٺي **مديني شريف** جا حسِين نظارا لڳائي ڇڏيا. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ هي سٽون لکڻ تائين مان **جامعة المدينه** (للبنات) ۾ درسِ نظامي جي تعليم حاصل ڪري رهي آهيان ۽ پڻ پنهنجي علائقي ۾ علائقائي مُشاورت جي خادمہ (يعني ذميداره) جي حيثيت سان **دعوتِ اسلامي**

www.dawateislami.net

جي مدني ڪمن ۾ مصروف آهيان.

**صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد**

## ﴿7﴾ اولاد ٿي ويو

**باب المدينہ** (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جو بيان ڪجھ هن ريت آهي تہ منهنجي شاديءَ کي 12 سالن جو ڏگهو عرصو گذري چُڪو هو پر مان اولاد جي **نعمت** کان محروم هُيَس. هڪ ڀيري مون **دعوتِ اسلامي** جي هفتيوار **سنتن ڀريو اجتماع** ۾ شرڪت ڪئي تہ اجتماع جي پُڄاڻيءَ تي منهنجي ملاقات هڪ مبلغہ اسلامي ڀيڻ سان ٿي. ان انفرادي ڪوشش ڪندي مون کي مدني ماحول جون **برڪتون** ٻُڌايون. مون انهن سان پنهنجي محرومي جو تذڪرو ڪيو تہ انهن نهايت شفقت سان چيو: اوهان **دعوتِ اسلامي** جي 12 **سنتن ڀريو اجتماعن** ۾ لاڳيتو شرڪت جي نيّت ڪريو ۽ اجتماعن جي دؤران ٿيڻ وارن دعائن ۾ پنهنجي لاءِ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ مان اولاد جو سوال ڪيو ان **شآءَالله** عَزَّوَجَلَّ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم جي صدقي ۾ ضرور ڪرم ٿيندو. سو مون نيّت ڪري ورتي. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ سنّتن ڀريو اجتماع ۾ پابنديءَ سان شرڪت جي بَرَڪت سان منهنجيون دعائون قبول ٿيون ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ مون کي **چنڊ جهڙو** مدني منّو (يعني پُٽ) عطا فرمايو ۽ اهڙي طرح منهنجي اجڙيل

www.dawateislami.net

باغ ۾ بهار اچي وئي.

**صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد**

## ﴿8﴾گناهه تي گناهه سمجهڻ جو شعور ملي ويو

**باب المدينہ** (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي بيان جو خُلاصو آهي تہ مان **نمازون** قضا ڪرڻ ۽ **بي پردگي** جهڙن گناهن ۾ گرفتار هُيَس. افسوس! جو مون کي گناهہ کي سمجهڻ جو بہ احساس نہ هو. مان آخرت جي فڪر کان **غافل** ۽ اسلام جي بنيادي معلومات کان بي خبر هُيَس. دنياوي آسائشون هجڻ جي باوُجود **قلبي سڪون** نصيب نہ هيو. مان عجيب بي چينيءَ جو شڪار رهندي هُيَس. **الحمدللّٰه** عَزَّوَجَلَّ مون کي قلبي سڪون ملي ويو اهو هيئن تہ ڪجهہ اسلامي ڀينرن جي دعوت تي مون کي **دعوتِ اسلامي** جي هفتيوار سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت ملي. اتي مون بيان ٻُڌو، پنهنجي ربّ قدير عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر ڪيو ۽ دعا گهري ۽ روئي روئي پنهنجي گناهن کان توبهہ ڪئي تہ مون کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ منهنجي دل تان ڪو بار لهي ويو آهي ۽ سڪون نصيب ٿي ويو آهي. **الحمدللّٰه** عَزَّوَجَلَّ انهيءَ اجتماع ۾ شرڪت جي بَرَڪت سان آءُ نہ صرف **مدني**

www.dawateislami.net

**ماحول** سان وابستہ ٿِيَس بلڪ **امير اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه سان بيعت ٿي عطاريہ بہ بڻجي ويس. هي سٿون لڪجڻ تائين **دعوتِ اسلامي** جي مدني ڪم جي ترقي جي لاءِ ڪوشش ڪري رهي آهيان.

**صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد**

## ﴿9﴾ منهنجا مسئلا حل ٿي ويا

**باب المدينہ** (ڪراچي) جي وڏي عمر واري هڪ اسلامي ڀيڻ جو حلفيہ بيان ڪجهہ هن ريت آهي تہ مان مختلف **گهرو مسئلن** ۾ ڦاٿل هُيَس. اسان مسواڙ واري جاءِ ۾ رهندا هئاسين، آمدني گهٽ هجڻ جي ڪري وقت تي مسواڙ بہ نہ ڏئي سگهندا هئاسين جنهن جي ڪري گهر جي مالڪ جون اٿوٽندڙ ڳالهيون بہ ٻُڌڻيون پونديون هُيون. نياڻيون بہ جوان ٿي رهيون هيون، انهن جي شاديءَ جي **ٽينشن** بہ هئي. هڪ ڏينهن **دعوتِ اسلامي** جي مُشڪبار مدني ماحول سان وابستہ هڪ اسلامي ڀيڻ سان منهنجي ملاقات ٿي تہ ان مون کي دلجاءِ ڏني، ۽ انفرادي ڪوشش ڪندي **دعوتِ اسلامي** جي اسلامي ڀينرن جي هفتيوار **سنتن ڀرئي اجتماع** ۾ پابنديءَ سان شرڪت جي بہ نيّت ڪرائي. ان ڪان علاوه ان مون کي **سنتن ڀرئي اجتماع** ۾ پنهنجي مسئلن جي حل لاءِ **دعا** گهرڻ جي بہ ترغيب ڏني. الحمدلله عَزَّوَجَلَّ ان اسلامي ڀيڻ

www.dawateislami.net

جي **انفرادي ڪوشش** جي بَرَڪت سان مان هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ڪندي هُيَس. اتي مان پنهنجي مسئلن جي حل لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ دعا به گهرندي هيس، **امير اهلسنت** دامت برڪاتهم العاليه سان بيعت ٿي **عطاريہ** به بڻجي ويس. ٿورو ئي عرصو گذريو هو تہ الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي ٻارن جي پيءُ کي سٺي **نوڪري** عطا فرمائي.ان ڪان علاوه تمام وڏو ڪرم اهو ٿيو جو ٿوري ئي عرصي ۾ اسان مسواڙ جي جاءِ ڇڏي پنهنجو **ذاتي گهر** بہ خريد ڪري ورتو. الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي پياري حبيب صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم جي صدقي، سنّتن ڀرئي اجتماعن ۾ شرڪت جي بَرَڪت سان ٻارن جي **شادي** واري فرض ڪان آجو ٿيڻ جي طاقت بہ عطا فرمائي. ان طرح **دعوتِ اسلامي** جي **مدني ماحول** جي بَرَڪت سان اسان جي مسئلن جو ريگستان، سرسبز گلستان ۾ تبديل ٿي ويو. الحمدلله رب العٰلمين

**صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب!　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد**

## ﴿10﴾ مان ڊانس ڪندي هيس

**باب المدينہ** (ڪراچي) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي بيان جو خلاصو آهي تہ مان **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ هجڻ ڪان اڳ ۾ گانا باجا وڏي شوق سان ٻُڌندي هُيَس. مون کي **مووي** ڀَرائڻ جو جنون جي حد تائين شوق

www.dawateislami.net

هيو. جڏهن ٻه ڪنهن جي شادي ۾ شريڪ ٿيندي هُيَس ته اتي ڊانس ڪندي هُيَس ۽ پنهنجي مووي ٻه ٺُرائيندي هُيَس. منهنجي دل گناهن جي لذت ۾ ائين گرفتار هئي جو مون کي نماز قضا ٿيڻ جو ٻه ڪو فڪر نه ٿيندو هو نه ئي روزو قضا ڪرڻ جو. گناهن جي ڪري بربادي جو شڪار ٿيڻ واري منهنجي زندگي نيڪين سان ائين آباد ٿي وئي جو ٿورو عرصو اڳ ۾ ڪجهه اسلامي ڀينرن جي **انفرادي ڪوشش** جي بَرَڪت سان مون کي **دعوتِ اسلامي** جي هفتيوار سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت ملي. **سنتن ڀرئي اجتماع** ۾ شرڪت جون مون کي اهڙيون ته برڪتون نصيب ٿيون جو مون اتي ويٺي ويٺي پنهنجي سيني گناهن کان توبه ڪئي ۽ پنجن وقتن جي **نماز** پڙهڻ ۽ رمضان شريف جي روزن رکڻ جي ٻه **نيت** ڪئي. الحمدلله عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جي **مدني ماحول** جي بَرَڪت سان نه صرف مون کي گناهن ڀَري زندگي کان نَجات ملي بلڪ فڪرِ مدينه جي ذريعي **مدني انعامات** جو رسالو ڀرڻ جي سعادت ٻه نصيب ٿي رهي آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿11﴾ ڌيءُ جي اصلاح ڪيئن ٿي؟

**پنجاب** (پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي بيان جو خلاصو آهي ته منهنجي ڌيءُ **فلمون ڊراما** ڏسڻ ۽ ٻي

www.dawateislami.net

**پردگيءَ** جهڙن ٻين گناهن ۾ گرفتار ٿي پنهنجي زندگي جون قيمتي گهڙيون ضايع ڪري رهي هئي. مان ان جي حرڪتن ڪان تمام گهڻو **پريشان** هُيَس. مان ان کي گهڻو سمجهائيندي هُيَس پر هوءَ هڪ ڪن مان ٻُڌي ٻئي ڪن مان ڪڍي ڇڏيندي هئي. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ مان **دعوتِ اسلامي** جي اسلامي ڀينرن جي هفتيوار **سنتن ڀريءَ اجتماع** ۾ شرڪت ڪندي هُيَس ۽ اجتماع ۾ گهرندڙ **دعائن جي قبوليت** وارا واقعا بہ ٻُڌندي هُيَس. سو هڪ ڀيري مون **دعوتِ اسلامي** جي ٿيڻ واري **ٻارهين شريف جي اجتماع ذڪر و نعت** ۾ پنهنجي ڌيءُ جي اصلاح لاءِ دعا گهري. منهنجي خواهش هئي تہ منهنجي ڌيءُ بہ **دعوتِ اسلامي** جي مبلغہ بڻجي وڃي.**الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ منهنجي دعا قبول ٿي ۽ منهنجي ڌيءُ اسلامي ڀينرن جي هفتيوار **سنتن ڀريءَ اجتماع** ۾ مون سان گڏ هلڻ تي راضي ٿي وئي. منهنجي اها ڌيءَ جنهن تي منهنجي سمجهاڻي ۽ نصيحت عمل نہ ڪندي هئي جڏهن ان سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ شرڪت ڪئي تہ ايتري **متاثر** ٿي جو **دعوتِ اسلامي** واري ٿي وئي. ترقيءَ جون منزلون طئي ڪندي (هي سِٽون لکجڻ تائين) منهنجي ڌيءُ **حلقہ ذميداره** جي حيثيت سان سنّتن جي خدمت سرانجام ڏئي رهي آهي.

**صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد**

www.dawateislami.net

## ﴿12﴾ سڌي واٽ ملي وئي

**پنجاب** جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي بيان جو خلاصو آهي: اسان جو خاندان عقيدن جي لحاظ کان مختلف فرقن ۾ ورهايل هو. مان گهڻو پريشان رهندي هُيَس ته ڪهڙا ماڻهو حق واري طريقي تي آهن. مان پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ دعائون ڀ گهرندي هُيَس ته **مون کي سڌي واٽ تي هلڻ جي توفيق عطا فرماءِ. الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ مون کي **سڌي واٽ** ملي وئي.اهو هيئن ته هڪ ڏينهن اسلامي ڀينرن مون کي تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي هفتيوار **سنتن ڀريي اجتماع** ۾ شرڪت جي دعوتِ اسلامي پيش ڪئي. مان سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ شريڪ ٿِيس. اتي هڪ مبلغه اسلامي ڀيڻ شيخ طريقت،امير اهلسنّت، بانيءِ **دعوتِ اسلامي** حضرت علامه مولانا ابو بلال **محمد الياس عطار** قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه جي مايه ناز تاليف **فيضانِ سنت** مان ڏسي بيان ڪيو. اهو بيان ٻُڌي مان خوفِ خدا عَزَّوَجَلَّ کان ڏڪڻ لڳيس. رِقت انگيز **دعا، صلوٰة و سلام** ۽ اسلامي ڀينرن جي شفقت ۽ مَحَبَّت مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ **سنتن ڀريي اجتماع** ۾ شرڪت جي بَرَڪت سان مون کي پنج وقته **نماز** ۽ رمضان شريف جي **روزن** جي پابندي ۽ مذهبِ اهلسنّت تي استقامت نصيب

www.dawateislami.net

ٿي. اميرِ اهلسنّت دامت برکاتهم العاليه جي دامنِ ڪرم سان وابستہ ٿي عطاريہ بہ بڻجي ويَس. **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول جي برڪتن کي ڳڏ ڪندي هي سٿون لکجڻ تائين تحصيل ذميداره جي حيثيت سان اسلامي ڀينرن ۾ **نيڪيءَ جي دعوت** عام ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهيان.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿13﴾ سچي نيت جي برڪت

**باب المدينہ** (ڪراچي) جي هڪ ذميداره اسلامي ڀيڻ جي بيان جو خلاصو آهي تہ **دعوتِ اسلامي** جي بين الاقوامي ٽي روزه سنّتن ڀريو اجتماع اچڻ وارو هو. آخري ڏينهن جي **خاص نشست** جو بيان، ذڪر و دعا ۽ صلوٰة و سلام ٽيليفون جي ذريعي اسلامي ڀينرن جي باپرده اجتماعن ۾ بہ رِلي (RELAY) ڪيو ويندو آهي. سو اسان جي علائقي جي اسلامي ڀينرن بہ گهر گهر وڃي **سنتن ڀرئي اجتماع** جي دعوت کي عام ڪرڻ شروع ڪيو. انهن اسلامي ڀينرن ۾ مرحومہ زاهده عطاريہ بہ شامل هئي. ان جو جذبو ڏسڻ وٽان هيو. هوءَ اسلامي ڀينرن تي ان سنّتن ڀرئي اجتماع جي آخري نسشت ۾ شرڪت جي لاءِ ڀرپور **انفرادي ڪوشش** ۽ انهن کي اجتماع گاهہ ۾ وٺي وڃڻ جي انتظامن ۾

www.dawateislami.net

مصروف ڏسڻ ۾ ايندي هئي. سنّتن ڀرئي اجتماع کان هڪ هفتو اڳ ۾ آچر جي ڏينهن اوچتو ان جي طبيعت خراب ٿي پئي. ان کي جلدي اسپتال پهچايو ويو. جتي ان جي حالت ڏسي ان کي جلدي داخل ڪيو ويو. ٽي ڏينهن بستري تي عليل رهڻ کان پوءِ اڱاري جي ڏينهن هن فاني دنيا مان **لاڏاڻو** ڪري وئي. **اِنَّا لِلّٰهِ وَ اِنَّا اِلَيۡهِ رَاجِعُوۡن.** آچر جي ڏينهن سنّتن ڀرئي اجتماع جي آخري نشست ۾ ان جي علائقي جي ڪافي اسلامي ڀينرن شرڪت ڪئي. اچانڪ هڪ اسلامي ڀيڻ هي **ايمان افروز منظر** ڏٺو ته ڪجهه ڏينهن اڳ فوت ٿي ويل **دعوتِ اسلامي** جي مبلغه زاهده عطاريه مرحومه به سنّتن ڀرئي اجتماع ۾ **شريڪ** آهي.

www.dawateislami.net

**صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد**

## ﴿14﴾ مان بدنگاهي ڪندي هيس

**پنجاب** (پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي بيان جو خلاصو آهي ته مان **گانا باجا** ٻُڌڻ جي ڏاڍي شوقين هُيَس. مون وٽ ڳانن جون گهٽيون **ڪيسيٽون** ۽ **ڪتابَ** موجود هئا بلڪ مان پاڻ به ڳانا لکندي هُيس. **فلمن ڊرامن** جي اهڙي ديواني هُيَس جو لڳي پيو ته شايد انهن کان سواءِ (معاذالله عَزَّوَجَلَّ) مان زنده نه رهي سگهنديس. افسوس جو مان **بدنگاهي** جهڙي بُري آفت ۾ به گرفتار هُيَس ۽ غير مردن کي شهوت سان ڏسندي هُيَس. الله

عَزَّوَجَلَّ جي ڪرم سان مون کي گناهن ڀَري زندگيءَ کان **ڇوٽڪارو** ملي ويو. ٿيو هيئن جو مون **دعوتِ اسلامي** جي اسلامي ڀينرن جي هفتيوار **سنّتن ڀريئي اجتماع** ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ڪئي. ان سنّتن ڀريئي اجتماع ۾ ٿيڻ واري **بيان، دعا** ۽ اسلامي ڀينرن جي **انفرادي ڪوشش** جي نظارن منهنجي دل ۾ **مدني انقلاب** پيدا ڪري ڇڏيو. **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ مان پنهنجي گناهن کان **توبه** ڪئي ۽ سنّتن ڀري زندگي گذارڻ جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابسته ٿي ويَس. هي سِٽون لکڻ تائين حلقه ذميداره جي حيثيت سان سنّتن جي خدمت جي سعادت حاصل ڪري رهي آهيان.

www.dawateislami.net

**صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد**

## ﴿15﴾ مدني منو صحتياب ٿي ويو

**باب المدينه** (ڪراچي) جي هڪ ذميداره اسلامي ڀيڻ جي بيان جو خلاصو آهي ته 2005ع ۾ تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريک **دعوتِ اسلامي** جي بابُ الاسلام (سنڌ) جي **سنّتن ڀريئي اجتماع** (صحراءِ مدينه ٽول پلازه سپر هاءِ وي روڊ بابُ المدينه) ۾ آخري ڏينهن ٿيڻ واري خاص نشست جي اسلامي ڀينرن ۾ (ٽيليفون جي ذريعي) رِلي **(RELAY)** جي ترڪيب هئي. جيئن ته اسان پنهنجي علائقي جي اسلامي ڀينرن ۾ ان جي

دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروف هُيوسين. اجتماع جي آخري ڏينهن 13 فيبروري تي صبح جو سوير اسان ڪجهه اسلامي ڀينرون گهر گهر وڃي اجتماع ۾ شرڪت جي ترغيب ڏيارڻ لڳيوسين. انهيءَ دؤران اسان جي ملاقات هڪ نهايت پريشان اسلامي ڀيڻ سان ٿي. ان نهايت درد ڀري انداز ۾ اسان کي مُخاطب ٿي چيو: ڀيڻ منهنجي ٻار جي **طبيعت** خراب آهي، ڊاڪٽرن ان جي رپورٽ ڏسي ڪنهن **موتمار بيماريءَ** جو خدشو ظاهر ڪيو آهي، توهان دعا فرمايو ته الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي پٽ کي شفا عطا فرمائي." اسين ان پريشان حال اسلامي ڀيڻ تي **انفرادي ڪوشش** ڪندي **سنتن ڀرئي اجتماع** جون برڪتون ٻُڌائي شرڪت جي دعوت پيش ڪئي. اهڙيءَ طرح اها اسلامي ڀيڻ هتوهٿ اسان سان سنّتن ڀرئي اجتماع جي آخري نشست ۾ شريڪ ٿي. اجتماع ۾ ٿيڻ واري رِقت انگيز دعا جي دؤران ان پنهنجي پٽ جي صحتيابيءَ لاءِ دعا گهري. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ اها اسلامي ڀيڻ **دعوتِ اسلامي** جي هفتيوار **سنتن ڀرئي اجتماع** ۾ به شريڪ ٿي ۽ اجتماع جي آخر ۾ ان ذميداره اسلامي ڀينرن کي ٻُڌايو ته الحمدلله عَزَّوَجَلَّ **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن ڀرئي اجتماع جي خاص نشست ۾ شرڪت جون مون کي اهڙيون برڪتون نصيب ٿيون جو جڏهن

www.dawateislami.net

مون پنهنجي مدني مُنّي جي ٻيهر ٽيسٽ ڪرائي ته حيرت انگيز طور تي رپوٽون بلڪل صحيح آيون ۽ هاڻي منهنجو مدني مُنّو مڪمل طور تي **صحتياب** ٿي ويو آهي. منهنجي مدني مُنّي جي اچانڪ صحتيابي ڊاڪٽرن کي به حيرت ۾ وجهي ڇڏيو آهي.

**صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد**

## ﴿16﴾ رِيس جوڳو موت

مرڪز الاولياء (لاهور) جي هڪ ذميداره اسلامي ڀيڻ جي بيان جو خلاصو آهي ته منهنجي امڙ گهڻي عرصي کان گُردن جي بيماريءَ ۾ مبتلا هئي. ربيع النور جي پُرنُور مهيني ۾ اسان ماءُ ڌيءُ **دعوتِ اسلامي** جي اسلامي ڀينرن جي هفتيوار **سنتن ڀريي اجتماع** ۾ پهريون ڀيرو شريڪ ٿيوسين. شرعي پردو ڪرڻ جي لاءِ **مدني برقعو** پائڻ، سنّتن ڀرئي اجتماعن ۾ شرڪت، ۽ ٻين چڱن ڪمن جون سُنيون **نيتون** ڪري جڏهن اسين گهر موٽيوسين ته رات جي وقت امڙ کي هارٽ اٽيڪ ٿي وئي. اها اٽڪل 26 منٽن تائين اسمِ جلالت الله ، الله عَزَّوَجَلَّ جو وِرد ڪندي رهي پوءِ ان جو روح سندس خاڪي جسم مان پرواز ڪري ويو.

**صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد**

www.dawateislami.net

## ﴿17﴾ سفرِ مدينہ جي سعادت ملي وئي

**پنجاب** (پاڪستان) جي شهر ڪهروڙپڪا جي هڪ اسلامي ڀيڻ (عمر اٽڪل 55 سال) جي بيان جو خلاصو آهي تہ مان **دعوتِ اسلامي** جي اسلامي ڀينرن جي هفتيوار **سنتن ڀريئي اجتماع** ۾ ڪڏهن ڪڏهن حاضر ٿيندي هُيَس. مان مختلف ڪتابن، رسالن ۽ بيانن ۾ **دعوتِ اسلامي** جي **دعا قبول** ٿيڻ جا واقعا ٻُڌندي هُيَس. منهنجو پنهنجو بہ **حسنِ ظن** هو تہ سنّتن ڀريئي اجتماعن ۾ گهرنڊڙ دعائون رد ناهن ٿينديون پر منهنجو اعتقاد ان واقعي کان پوءِ وڌيڪ پُختو ٿي ويو تہ مان ٽن سالن تائين **مديني** وڃڻ لاءِ فارم جمع ڪرائيندي رهي آهيان پر **حاضري** جي ڪا صورت نہ پئي نڪري سگهي. هن ڀيري بہ مون فارم جمع ڪرايو ۽ مون **دعا** گهري تہ مان **دعوتِ اسلامي** جي هفتيوار سنّتن ڀريئي اجتماع ۾ لاڳيتو 12 هفتا اول کان آخر تائين شرڪت ڪنديس، اي الله عَزَّوَجَلَّ مون کي سفرِ مدينہ جي سعادت سان نواز." **الحمدلله** عَزَّوَجَلَّ اڃان 12 هفتا پورا نہ ٿيا تہ مون تي رحمت جو دروازو کُلي ويو ۽ مون کي مديني جي اجازت ملي وئي. مان خوشيءَ ۾ مديني جي سفر تي رواني ٿِيَس. **مديني حاضري** کان واپسيءَ تي مون 12 هفتا سنّتن ڀريئي اجتماع ۾ اول کان آخر تائين شرڪت واري نيّت

www.dawateislami.net

تي عمل بہ ڪيو. الحمدللہ عَزَّوَجَلَّ هي سٽون لکڻ تائين هر هفتي پابنديءَ سان اسلامي ڀينرن جي هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت حاصل ڪندي آهيان.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## توهان بہ مدني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو

**اسلامي ڀينرو!** تبليغ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ جي بَرَڪت سان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري رسول صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جي مهربانيءَ سان عام پٿر بہ **انمول هيرو** بڻجي ويندو آهي، خوب چمڪندو آهي ۽ اهڙي شان سان موت کي لبيڪ چوندو آهي جو ڏسڻ ۽ ٻُڌڻ وارا ان تي رِيس ڪندا آهن ۽ جيئڻ جي بدران اهي بہ موت جي تمنا ڪرڻ لڳندا آهن. اوهان بہ **دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول** سان وابستہ ٿي وڃو. پنهنجي شهر ۾ ٿيڻ واري **دعوتِ اسلامي** جي اسلامي ڀينرن جي هفتيوار **سنتن ڀريي اجتماع** ۾ شرڪت ڪريو ۽ شيخ طريقت، **اميرِ اهلسنت** دامت برکاتهم العاليه جي عطا ڪيل **مدني انعامات** تي عمل ڪريو، ان شآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان کي ٻنهي جهانن جون ڍير ڀلايون نصيب ٿينديون.

مقبول جہاں بھر میں ہو دعوتِ اسلامی
صدقہ تجھے اے ربّ غفار مدینے کا

www.dawateislami.net

## هي رسالو پڙهي ٻئي کي ڏئي ڇڏيو

شادي غمي جي موقعن،اجتماعن،عرسن ۽ ميلاد جي محفلن وغيره ۾ مڪتبة المدينه جي ڇپيل رسالن ۽ مدني گلن تي مشتمل پمفليٽ ورهائي ثواب ڪمايو، گراهڪ کي به ثواب جي نيت سان تحفي ۾ ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي دڪان تي به رسالا رکڻ جو معمول بڻايو، هاڪرن يا ٻارن جي ذريعي پنهنجي پاڙي جي گهر گهر ۾ هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ هڪ سنتن ڀريو رسالو يا مدني گلن جو پمفليٽ پهچائي ڪري نيڪيءَ جي دعوت جون ڌومون مچايو. صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## مون مدني برقعو ڇو پاتو؟

هي مدني بهارن جو رسالو مجلس المدينة العلميه جي شعبه ”امير اهلسنت“ اردو زبان ۾ پيش ڪيو آهي.

مجلسِ تراجم (دعوتِ اسلامي) هن رسالي جو سنڌي زبان ۾ ترجمو پيش ڪيو آهي، ترجمي يا ڇپائيءَ ۾ ڪٿي ڪا گهٽ وڌائي نظر اچي ته ثواب جي نيت سان آگاهه فرمائيندا.

رابطي لاءِ : مڪتب مجلسِ تراجم (دعوتِ اسلامي)عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي

E-mail: overseas@dawateislami.net

فون نمبر : 021-4921389-90-91

# غور سان پڙهي پوءِ هي فارم ڀري وڌيڪ تفصيل هيٺ لکي ڏيو

جيڪو اسلامي ڀاءُ فيضانِ سنّت يا اميرِ اهلسنّت دامت برڪاتهم العاليه جا ڪتاب يا رسالا ٻُڌي يا پڙهي ڪَري، بيان جي ڪيسيٽ ٻُڌي يا هفتيوار، صوبائي يا بين الاقوامي اجتماعن ۾ شرڪت يا مدني قافلن ۾ سفر يا **دعوتِ اسلامي** جي ڪنهن ٻـ مدني ڪم ۾ شموليت جي بَرَڪت سان مدني ماحول سان وابستہ ٿيو، زندگيءَ ۾ مدني انقلاب برپا ٿيس، نمازي بڻجي ويو، ڏاڙهي، عمامو شريف سينگارجي ويو، توهان کي يا ڪنهن مٺ مائٹ کي حيرت انگيز طور تي صحت ملي، پريشاني دور ٿي، يا مرڻ وقت ڪلمهءِ طيبه نصيب ٿيو يا چڱي حالت ۾ روح قبض ٿيو، مرحوم کي چڱي حالت ۾ خواب ۾ ڏٺو، بشارت وغيره ملي يا تعويذاتِ عطاريه جي ذريعي آفتن ۽ مصيبتن کان نجات ملي هجي تہ هيٺوهٺ هن فارم کي ڀري ۽ واقعي جو تفصيل لکي ڪري هن پتي تي موڪلي احسان فرمايو "محلہ سوداگران پُراڻي سبزي منڊي (باب المدينه) ڪراچي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه "شعبہ اميرِ اهلسنت (دامت برڪاتهم العاليہ) مجلس المدينة العِلميہ".

نـــــالو پـــــيءُ جـــــي نـــــالي ســــميت :.....................

عمر.......... ڪنهن کان مُريد يا طالب

آهيو..................

www.dawateislami.net

**ڪيفيت (جيڪڏهن عبرت جي لاءِ لکڻ چاهيو) مثال طور فيشن پرستي، ڦر وغيره ۽ امير اهلسنت** دامت برکاتهم العاليه **جي ذاتِ مبارڪه ڪان ظاهر ٿيڻ وارين برڪتن ۽ ڪرامتن جا "ايمان افروز واقعا" جاءِ ۽ تاريخ سان گڏ هڪ صفحي تي تفصيلي طور لکي ڏيو.**

# مدني مشورو

**الحمدلله** عزوجل شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت بانيءِ **دعوتِ اسلامي** حضرتِ علامہ مولانا ابو بلال **محمد الياس عطار قادري** رضوي ضيائي **دامت برکاتهم العاليه** سلسلهءِ هن دؤر جا اهي بي مثال بزرگ آهن جن جي شرفِ بيعت جي بَرَڪت سان لکين مسلمان گناهن ڀري زندگيءَ ڪان توبهہ ڪري **الله رحمٰن** عزوجل جي حڪمن ۽ ان جي پياري حبيب صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم جي سنتن جي مطابق پرسڪون زندگي گذاري رهيا آهن. مسلمانن جي خيرخواهي واري مقدس جذبي تحت اسان جو مدني مشورو آهي تہ جيڪڏهن توهان اجان تائين ڪنهن جامع شرائط پير صاحب ڪان بيعت نہ ٿيا آهيو تہ شيخ طريقت،اميرِ اهلسنت **دامت برکاتهم العاليہ** جي فيض ۽ برڪتن ڪان مستفيد ٿيڻ جي لاءِ انهن سان بيعت ٿي وڃو. **ان شآءَالله** عزوجل دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي ۽ ڪامراني نصيب ٿيندي،

# مريد بڻجڻ جو طريقو

جيڪڏهن توهان مُريد بڻجڻ ٿا چاهيو تہ پنهنجو ۽ جن کي **مريد يا طالب** بڻائڻ ٿا چاهيو تہ انهن جو نالو هڪ صفحي تي ترتيبوار ولديت ۽ عمر سميت لکي ڪري **عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي "مڪتب مجلس مڪتوبات و تعويذاتِ عطاريہ"**جي پتي تي روانو

www.dawateislami.net

فرمائي ڇڏيو، تہ ان شآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ انهن کي بہ سلسلهٔ **قادريه رضويه عطاريه** ۾ **داخل** ڪيو ويندو. (پتو انگريزي جي وڏن اکرن ۾ لکو)

E-Mail: attar@dawateislami.net

﴿1﴾ نالو ۽ پتو بال پين سان ۽ بلڪل صاف لکو، غير مشهور نالو يا لفظن تي لازمي طور اعراب لڳايو. جيڪڏهن سيني نالن جي لاءِ هڪ ئي پتو ڪافي هجي تہ ٻيو پتو لکڻ جي ضرورت ناهي.﴿2﴾ ايڊريس ۾ مَحرم يا سرپرست جو نالو ضرور لکو.
﴿3﴾ الڳ الڳ مڪتوبات گهرائڻ جي لاءِ جوابي لفافو ساڻ ضرور موڪليو.

| مڪمل ايڊريس | عمر | پيءُ جو نالو | بن/بنت | مرد/ عورت | نالو | نمبر شمار |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | | |
| | | | | | | |
| | | | | | | |
| | | | | | | |
| | | | | | | |
| | | | | | | |
| | | | | | | |
| | | | | | | |
| | | | | | | |

www.dawateislami.net

**مدني مشورو** : هن فارم کي محفوظ ڪري ڇڏيو ۽ ان جون وڌيڪ ڪاپيون ڪرائي رکو.

www.dawateislami.net